## ليکڪ: ڊاڪٽر پرڪاش جها
## سنڌيڪار: موهن گيهاڻي

# ورهاڱو هڪ حادثو

نظارو - هڪ جلسو

گيت - اچو ٻارو اوهان کي ڏيکاريان جهلڪ هندستان جي
هن مٽيءَ سان تلڪ لڳايو. هيءَ ڌرتي آهي ٻليدان جي
وندي ماترم.... وندي ماترم.
اچو ٻارو اوهان کي ڏيکاريان جهلڪ هندستان جي
هن مٽيءَ سان تلڪ لڳايو. هيءَ ڌرتي آهي ٻليدان جي
وندي ماترم.... وندي ماترم.

ٻار - بابا، توهان ٻڌو. هي ڪيترو نه سٺو ٿا ڳائين!

بابا وندي ماترم وندي ماترم. هي لفظ ئي اهڙا آهن جي ور ور ڳائڻ تي ۽ ٻڌڻ تي دل ٿي ٿئي.

ٻار - بابا، هيءُ ورهاڱي جو درد ڇا ٿيندو آهي؟

بابا - ورهاڱو نٿو سمجهين. جڏهن ورهاڱي جو مطلب نٿو سمجهين ته ورهاڱي جو درد ڪيئن سمجهندين ؟
ٻارو، هي ديش اسانجو اڳي ڏاڍو وڏو هو. پر پوءِ اُن جو ورهاڱو ٿيو.

ٻار مطلب ورهايو ويو.

بابا - ٻچا! ها ورهايو ويو. ائين ته. ورهائڻ ۽ ورهاڱي ۾ تفاوت آهي.
جيڪڏهن تو وٽ ڏهه ٽافيون آهن اُهي پاڻ ۾ ورهائيون اٿوَ، ته ڪيئن ورهائيندا ؟ پنج پنج ٽافيون ورهائي سگهو ٿا....... پر سمجهه ته تو وٽ صرف هڪ ٽافي هجي ته تون ڇا ڪندين ؟

ٻار - مان اُها ٿوڙي ٻن حصن ۾ ورهائيندس.

بابا - ٿوڙڻ، اُن جا حصا ڪرڻ اهو ورهاڱو ئي آهي. اُن مان پيڙا ۽ تڪليف ٿيندي آهي اُهو ئي درد آهي.

ٻار بابا، ورهاڱو ته سمجھ ۾ اچي ويو، پر درد .... درد.... درد.

بابا ٺيڪ آهي ٻڌايانءِ ٿو.

گيت - اچو ٻارو اوهان کي ڏيکاريان جھلڪ هندستان جي
هن مٽيءَ سان تلڪ لڳايو. هيءَ ڌرتي آهي ٻليدان جي
وندي ماترم.... وندي ماترم.
اچو ٻارو اوهان کي ڏيکاريان جھلڪ هندستان جي
هن مٽيءَ سان تلڪ لڳايو. هيءَ ڌرتي آهي ٻليدان جي
وندي ماترم.... وندي ماترم.

ٻار بابا، مونکي چڱيءَ طرح سمجھايو، ته ورهاڱو ڪيئن ٿيو ؟

بابا - چڱو! ٻڌايان ٿو ٻڌايان ٿو. مُلڪ جي ورهاڱي بابت ٻڌايان ٿو. ڌيان سان ٻڌو. ورهاڱي بابت اِتهاسڪار جو جيڪو نظريو اُهو غور سان ٻڌو، ڌيان سان ٻڌو ۽ سمجھڻ جي ڪوشش ڪريو.

گيت - آهي پريت هتان جي ريت سدا،
مان گيت اُتان جو ڳايان ٿو،
ڀارت جو رهواسي آهيان،
ڀارت جي ڳالھه سُڻايان ٿو.

سوترڌار 1:- اکنڊ ڀارت جو ورهاڱو مجبوريءَ ۾ انسانن جي ڀاڃ جي دُک ڀري ڪهاڻي آهي.

سوترڌار 2:- جنهن ۾ لکين ماڻهو اجنبين جي وچ ۾ بلڪل بدليل حالتن هيٺ نڪاڻو ڳولهي رهيا هئا.

سوترڌار.1 : وشواس ۽ ڌرم جي بُنياد تي هنسا پريي ورهاڱي ڪانسواءِ، اها ان ڳالهہ جي پڻ ڪهاڻي آهي...

سوترڌار 2: ڪيئن ساڳي جيوت رهندڙ ۽ ورهيہ پراڻو يگ ناٽڪي طريقي سان ختم ڪيو ويو.

سوترڌار 1:- اٽڪل 60 لکہ هندو، سک ۽ ٻين جاتين جي عوام کي پنهنجا گهر ڇڏي اُن حصي مان لڏپلاڻ ڪرڻي پيئي. جيڪو حصو پوءِ اولهہ پاڪستان بڻيو.

سوترڌار 2 :- 65 لکہ مسلمان پنجاب، دهلي ۽ ٻين حصن مان هندستان مان لڏي اولهہ پاڪستان طرف هليا ويا.

سوترڌار 1:- 20 لکہ هندو ۽ ٻين جاتين جو اُدمِ اوڀر بنگال مان، جو پوءِ اوڀر پاڪستان بڻيو. اُتان اولهہ بنگال ۾ آيا.

سوترڌار 2 :- 1950 ۾ ويهہ لکہ وڌيڪ هندو ۽ ٻيا اوڀر بنگال مان اولهہ بنگال ۾ آيا.

سوترڌار 1:- 10 لکہ مسلمان اولهہ بنگال مان اوڀر پاڪستان طرف لڏي ويا.

سوترڌار 2 :- هن حادثي ۾ مئلن جو تعداد 5 کان 10 لک کن آهي.

سوترڌار 1:- پر انومان آهي تہ هن حادثي ۾ 10 لک ماڻهو مُئا.

گيت -

اکين مان وهندڙن ڳوڙهن جي ڌار،
وڇڙيل زندگي، وڃايل يار،
اکين مان وهندڙ ڳوڙهن جي ڌار،
وڇڙيل زندگي، وڃايل يار.

ٻار - بابا! هنن جو گهر ٻار هنن کان کسيو ويو ؟ مون کي
تہ ٻڌندي ئي ڌڪڙي تي لڳي.
بابا - هيءَ حيبتناڪ ۽ ڏڪائيندڙ ڳالهہ آهي ئي، پر ٻچا
ٿورو سوچ تہ اُن وقت جي ماڻهن جيڪو ڀوڳيو
هوندو، اُهو ڪيترو نہ ڏڪوئيندڙ هو. اُنهن تي ڇا تي
گذريو هوندو؟
ٻار - بابا! اُن وقت تہ مون جيترا ٻار پڻ هوندا، اُنهن جو
حال ڪهڙو هوندو.
بابا - ها لڪين ٻارن اهو سڀ ڏٺو آهي، اڄ پڻ اُهي
ڏينهن ياد ڪري هيسجي ويندا آهن.
ٻار - بابا! هُن بابت مون کي ٻيو بہ ڪجهہ ٻُڌايو نہ؟
بابا - ٻڌايان ٿو ، ٻڌ منهنجا ٻچا.
گيت - ڏسو هي بنگال هتان جو، هر ڇپو سائو آهي،
جتان جو هر ٻار ٻار قربان ٿيڻ لاءِ تيار آهي،
اڇو ٻارو اوهان کي ڏيکاريان جهلڪ هندستان جي
هن مٽيءَ سان تلڪ لڳايو. هيءَ ڌرتي آهي ٻليدان جي
وندي ماترم.... وندي ماترم.
ماستر : سٽ ڊائون.
ٻار : گڊ مارننگ سر!
ماستر : گڊ مارننگ.
ٻار : سر، ٻڌو نہ! توهان ورهاڱي جي باري ۾ ڪجهہ
ٻڌائي رهيا هئا ..... توهان ٻڌايو هئو تہ گهڻو
ڪجهہ وڃايو ويو. هاڻي اڳتي ٻڌايو نہ تہ
ورهاڱي جي باري ۾ ڇا ٿيو ؟
ماستر 20 فيبروري 1947 تي برٽش پرڌام منتري
ڪليمينٽ ايٽلي لوڪ سڀا ۾ اها پڌرائي
ڪئي....

| | |
|---|---|
| ڇوڪري | سر، ان کان اڳتي مان ٿي ٻڌايا ته مون کي به خبر آهي. |
| ماستر | ها.... ٻڌاءِ ..... |
| ٻار 1 | ها.... ته دوستو.... سرڪار 30 جون 1948 کان پهرين.... |
| ماستر | اڙي پونم..... اُتان ڪٿان ؟ هتي اچي سيني کي ٻڌاءِ نه. |
| ٻار 2 | جي سر.... |
| | ها.... ته دوستو ... سرڪار فيصلو ڪيو آهي ته 30 جون 1948 کان اڳ هندستان کي آزاد ڪري ڇڏي ويندا سين. |
| ٻار- 3 - | سر مان... |
| ماستر | ها ٻڌاءِ |
| ٻار 4 | جيتوڻيڪ لارڊ مائونٽ بيٽن جي اڳوانيءَ هيٺ سڀ تياريون اڳواٽ ئي مڪمل ٿي چُڪيون هيون. |
| ٻار- 5 - | ها سر، 31 May 1947 تي لارڊ مائونٽ بيٽن برٽش سرڪار کان اهڙو پروانو صحيح ڪرائي ڪٽي نئين دهلي آيو هو. |
| ٻار 6 | مونکي به ياد آيو. 2 جون 1947 جي اتهاسڪ بيٺڪ ۾ ورهاڱي جي رٿا جي ٿلهيءَ طرح سهمتي ٿي هئي. |
| ٻار 7 | هندستان جو ورهاڱو هن پرواني جي طئہ ٿيل شرط طور هو. ڀارت جهڙي ديش جو ورهاڱو ڌرم جي بنياد تي ٿئي ان رٿا جو ڪافي وروڌ ٿيو. |

ٻار 1 : ائين ڇيو ٿو وڃي تہ هن ورهاڱي جي رٿا سان
اُهي نيتا مانسڪ طور سهمت هئا جن کي هن
ورهاڱي مان پنهنجو فائدو ۽ روشن آئيندو
پئي نظر آيو.

ماستر : اڙي واه ٻارو، توها کي تہ ڏاڍي گهڻي ڄاڻ
آهي.... هاڻي اڳتي ڪلاس هلايون، ان کان اڳ
اسان ٿوڙي بريڪ تا وٺون.

سڀ ٻار : ٺيڪ آهي سر.
وندي ماترم، وندي ماترم
وندي ماترم، وندي ماترم
وندي ماترم، وندي ماترم
وندي ماترم، وندي ماترم

سوترڌار 1 : ڀائي تنهنجو ورهاڱي جي باري ۾ ڇا ويچار
آهي ؟

سوتر ڌار 2 : ڀائي ورهاڱي سبب سماج ۾ سڌار ايندو. جدا
جدا جاتين کي پنهنجا پنهنجا اڌڪار ملندا.

سوترڌار 1 : نہ نہ، ورهاڱي سان اهڙو ڪجهہ نہ ٿيندو. اڙي!
ايڪتا سان ئي سماج جو وڪاس ٿيندو آهي.
اسان سڀني کي هڪ ٿي خوشحالي جي راهہ
ڏانهن اڳتي وڌڻو آهي.

سوترڌار 2 : توهان جون ڳالهيون سٺيون آهن، پر حقيقت
اها آهي تہ ورهاڱي کان ئي سڀ ڪجهہ ممڪن
ٿيندو آهي.

سوترڌار 1 : نہ نہ، اسان سڀني کي گڏجي ديش کي طرقيءَ
جي راهہ تي وٺي وڃڻ گهرجي. ۽ ورهاڱي جي
درد کي مٽائڻ گهرجي

سوترڌار 2 : توکي ڇاڻو لڳي، اسان سڀ گڏجي اهو سنديش اپنائي سگهنداسين.

سوترڌار 1 : ڇو نہ اپنائي سگهنداسين. ان لاءِ اسان سڀني کي گڏجي هڪ ٿي رهڻو آهي. ۽ اها ايڪتا ئي اسانجو ورثو آهي.

سوترڌار 2 : ٺيڪ آهي، پر مونکي اکنڊ ڀارت جي ورهاڱي وقت ٻيو ڇا ڇا ٿيو اهو تہ ٻڌاءِ

سوترڌار 1 : اِهو تہ اُهي ئي ٻڌائي سگهندا جن ڀوڳيو آهي.

گيت
وندي ماترم، وندي ماترم
وندي ماترم، وندي ماترم
وندي ماترم، وندي ماترم
وندي ماترم، وندي ماترم

ٻار : گڊ آفٽر نون سر،

ماستر : گڊ آفٽير نون ..... سٽ ڊائون ....
ها، تہ اڄ‌تي وڏون، ها تہ ٻُڌو! 9 جون 1947 تي آل انڊيا مسلم ليگ جي بيٺڪ نئين دهليءَ جي امپيريل هوٽل ۾ ٿي.

ٻار 1 : اڇا .... سر .... سر.... ان کان اڳتي جي ڳالھ مونکي خبر آهي.

ماستر : اڙي پونم، توکي تہ سڀ ڪجھ خبر آهي. ائين ئي..... گيان ورهائڻ سان وڌندو آهي، ورهاءِ گيان.

ٻار : اُتي يڪراءِ ورهاڱي جي رٿ قبولي ويئي.

ٻار 2- ها، ورهاڱي جي فائدي ۾ 300 ووٽ ۽ اُن جي برخلاف صرف 10 ووٽ پيا.

بابا - ڀارت جي جدا جدا حصن ۾ 1946 — 47 ۾ ٿيل جدا جدا فرقن ۾ هنسا ۽ فسادن جي باري ۾

ڪتابن ۾ وستار سان لکيو ويو آهي. اهو 1947-3-4 جو ڏينهن هو پوليس هندن ۽ سکن جي هڪ جلوس تي گوليبازي ڪئي.

سوترڌار- 2- ڏسندي ڏسندي 6 مارچ جي صبح تائين امرتسر، جلندر، راولپنڊي، ملتان ۽ سيالڪوٽ سميت پنجاب جي سيني شهرن ۾ وڳوڙ ڦهلجي ويا.

سوترڌار- 1- پنجاب جي پيٽ ۾ بنگال ۾ سالن کان هلندڙ لڏپلاڻ ۽ ورسائڻ جي صورت جدا هئي.

سوترڌار 2 ؛ بنگال جا رهواسي بلڪل اياڳا هئا ؟

سوترڌار 1 ؛ چو ؟

سوترڌار 2 ؛ چاڪاڻ تہ ... بنگال جي رهواسين کي تہ ٻہ ٻہ دفعا لڏپلاڻ کي منهن ڏيڻو پيو.

سوترڌار 1 ؛ ٻہ ٻہ دفعا !

سوترڌار 2 ؛ ها ٻہ ٻہ دفعا .

سوترڌار 1 ؛ هڪ دفعو تہ سڀ گهر ڇڏي اوڀر پاڪستان ويا،

سوترڌار 2 ؛ پوءِ وري کين اولهہ بنگال طرف ڀاڄ ڪاٽڻي پئي.

سوترڌار-2- ها ڀائي! آفيسرن اُتان جي لڏپلاڻ بابت غلط تخمينو لڳايو هو.

سوترڌار-1- هزارين هندو ڪٽنب ڍاڪا مان نڪري سيالده پهتا.

سوترڌار-2- ائين سولائيءَ سان نہ پهتا. زالن جا زيور کسيا ويا ۽ کين طرح طرح جا عذاب ڏنا ويا.

سوترڌار-1- ٻارن، زالن ۽ ٻُڍن سان پڻ غير انساني وهنوار ڪيو ويو.

سوترڌار 2 : چا زالون، چا ٻار، چا ٻڍا. سڀنن کان ڏُر وهنوار ٿيو..

سوترڌار 1 ها اهو سچ آهي. ورهاڱي جي دوران ورهاڱي وقت زالن کي ڪافي نقصان ٿيو.

سوترڌار- 2- لکن ڪٽنبن کي هڪ ٻئي کان وڇڙڻو پيو.

سوترڌار-1- ايتروئي نہ پر جيڪي ٽرينن ۾ زندهہ وينا پوءِ اُنهن جا لاش ئي اڳتي پهتا.

(ٻار روئڻ ٿو لڳي)

بابا - ٻچا، روئين ڇو ٿو؟ ماٺ ڪر.

ٻار - ڊاڪا مان آيل اُنهن شرڻارٿين جو ڇا ٿيو؟ جن جو سڀ ڪجهہ لٽجي ويو ؟

بابا - ها، اُنهن جي پڻ عجيب ڪهاڻي آهي. جوندا آهن تہ نہ گهر جا نہ گهاٽ جا.

ٻار - ائين ڇو؟

بابا - هو پنهنجو گهر ٻار ڇڏي ٻيو دفعو هتي آيا تہ هتي پڻ پنهنجي ئي گهر ۾ رفيوجي ڪوٺيا ويا.

گيت : ''اکين مان وهي ٿي درد جي ڌار

اکين مان وهي ٿي درد جي ڌار

ڇُٽي ويئي زندگي، ڪوئجي ويا يار

ڇُٽي ويئي زندگي، ڪوئجي ويا يار

ڪردار -3- اوڀر بنگال مان ايترا ماڻهو اچي پهتا جو هتي ڪنهن گهر ۾ هڪ انچ جاءِ پڻ نہ بچي پنهنجن مائٽن کي رهائڻ لاءِ.

ڪردار - 4- اولهہ بنگال سرڪار چٽگانءُ، نارائڻ گنج، باريسال ۽ چاندپور مان شرڻارٿين کي ڪلڪتي پهچائڻ لاءِ پندرهن آگبوٽن جو بندوبست ڪيو هو.

کردار- 3- اوير پاڪستان مان لڏپلاڻ پاڻي رستي ٿي هئي. ڪيتريون ئي ٻيڙيون تہ شرڻ درياھ ٿي ويون ۽ ڪجهہ ڏينهن بعد ڪيترا لاش پاڻيءَ تي ترڻ لڳا.

کردار-3۽4- (گڏ) اهڙو چا ٿيو هو اسان جي موروثي زمين ۾، جو اسان کي سڀ وڃائڻو پيو.

کردار- 3- بنگال، پنجاب، گُجرات ۽ سنڌ، هر طرف ورهاڱي جي  باھ پئي ٻري.

کردار-4- سنڌ جا رهواسي تہ سنڌ ڇڏي هليا آيا. سنڌ جو تہ ڪو بہ حصو اسان کي نہ مليو.

سوترڌار-1- ها، سنڌين بابت ياد آيو تہ گهڻا ئي سنڌي راجستان طرف آيا.

(سنڌي ڪٽنب طور)

سنڌي مرد- ورهاڱي بعد لکين شرڻارٿي ٻڄي پارت پهتا. راجستان اُها جاءِ هُئي جتي اسين گهڻي تعداد ۾ پهتاسين.

سنڌي زال- اسان کي وري ورسائڻ راجستان سرڪار لاءِ للڪاري ڪم هو.

سنڌي مرد- اسان جي اچڻ سان راجستان جي سنسڪرتيءَ تي پڻ اثر ٿيو. اسان اوپرا پئي لڳاسون. آهستي آهستي اسان جي رسمن ۾ پڻ بدلاو اچڻ لڳا. ريتيون رواج پڻ بدليا. سنڌ ۾ مان وڏو واپاري هوس، هتي ٻچڙن لاءِ ٻن ويلن جي روٽي پڻ نصيب ۾ نہ هئي اُتي تہ منهنجو دڪان گهر ٻار سڀ لُٽجي ڦُرجي ويا.

سنڌي زال- أها رات اسان کيئن ٿا وساري سگهون، جڏهن مان پنهنجن ٻن ٻارن کي هنج ۾ کڻي ڀڄي هئس.

سنڌي مرد- ڊوڙندي، ڀڄندي پاڻ کي بچائيندي اسان کيئن هڪ واقفڪار جي گهر ۾ راجستان جي بيڪانير ۾ شرڻ ورتي.

سنڌي زال : اسانجا ڪيترا مائٽ رستي ۾ ئي جدا ٿيندا هليا ويا. جن سان اڄ به ملي نه سگهيا آهيون. ڪجهه ماڻهو جهنجهن ۾ رهيا

سنڌي زال- هو به ويچارا اسان کي گهڻا ڏينهن ٿي رکي سگهيا؟ آخر ٿڪجي هارجي اسان کي رفيوجي ڪئمپ ۾ پناهه وٺڻي پيئي.ڪلنڊڙ ڪڏنڊڙ پريوار گاؤَ شهر کيئن برباد ٿيندو آهي أهو ڪير اسان کان پڇي؟

(ٻئي اوچنگارون ڏيئي روئن ٿا)

گيت : ''اکين مان وهي ٿي درد جي ڌار
اکين مان وهي ٿي درد جي ڌار
ڇُٽي ويئي زندگي، کوئجي ويا يار
ڇُٽي ويئي زندگي، کوئجي ويا يار

ٻار - بابا، هاڻي مون کي ڪجهه به وڏيڪ ٻڌڻو ڪونهي.

سوترڌار 1 ۽ 2 : جتي جيون جو هر صبح مسڪراهٽ سان ٿڙي اٿندو هئو، اتان جو منظر ڏسي لڙڪ به خون ٿي ويا.

سوترڌار 3 ۽ 4 : نه آهي گهڻو درد تنهنجي ٻار جو ڪنڌي تي، جڏهن توريان ٿو هن کي دهشت، جنگ ۽ ظلم سان.

كردار 1 ؛ ورهاڱي جي درد ۾ پنهنجا پراڻ وڃائڻ وارن ۽ جلاوطنيءَ جو درد سهڻ وارن لکين ڀارت واسين کي شت شت نمن.

كردار 2 ؛ ڀارت جي ايڪتا ۽ اکنڊتا کي بچائي رکڻ لاءِ اسان سڀني کي ملي ڪوششون ڪرڻيون پونديون.

كردار 3 ؛ ورهاڱي لاءِ هن سياسي کيل ۾ هڪ ڀاءُ کي ٻئي ڀاءُ جي خلاف دماغ ۾ زهر ڀريو ويو.

كردار 4 ؛ ان زهر سان تہ انسان ئي انسان کي ڪاٽيو ۽ انسان کي انسان کان ورهايو. انسان ئي انسان کي وڃايو. ۽ اسان جو اکنڊ ڀارت ٽُٽي پيو.

سڀئي ؛ اسان کي ڪنهنجي ڀهڪاوي ۾ نہ اچڻو آهي.

كردار 1 ؛ ڀارت ديش کي اکنڊ رکڻو آهي.

سڀ ؛ ڀارت ديش کي اکنڊ رکڻو آهي.

كردار 4 ؛ هاڻي اسان ڪنهن سياسي ڄار ۾ نہ اچڻو آهي.

سڀ ؛ اسان کي ڪنهن سياسي ڄآر ۾ نہ اچڻو آهي.

كردار 4 ؛ اکنڊتا ۽ ايڪتا کان سواءِ سک ۽ شانتيءَ لاءِ پنهنجي ڀارت ماتا جو وڪاس ڪنداسين.

سڀئي ؛ پنهنجي ڀارت ماتا جو وڪاس ڪنداسين.

ها اچو سڀئي پرڻ ڪيون

وندي ماترم وندي ماترم

وندي ماترم وندي ماترم

وندي ماترم وندي ماترم

وندي ماترم وندي ماترم